ڊاڪٽر حاڪم علي ٻرڙو
علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد

# سنڌي افساني ۾ ترقي پسند اهڃاڻن جو ارتقائي جائزو

# THE EVOLUTIONARY ANALYSIS OF PROGRESSIVISM AND REALISM IN SINDHI SHORT STORIES

**Abstract**

Sindhi literature is a rich literature full of master pieces. The short story is a most popular gernre in Sindhi literature after poetry. The Sindhi short story is written on the subjects of social and economic aspects in every age. The roots of Sindhi short story are attached with its land. Since its beginning, the Sindhi short stories are barsed on progressivism and realism. In this research paper, an analysis & evolution of Sindhi short stories has been presented in the background of progressivism.

سنڌي افسانو پنهنجي شاهوڪار روايتن، ادبي ذخيري ۽ ورثي جي ڪري مالامال هجڻ سان گڏو گڏ هڪ رنگا رنگ حيثيت بہ قائم رکي ٿو. اصل ۾ سنڌي ڪهاڻي، سنڌ جي پنهنجي پيداوار آهي، جنهن جون مضبوط پاڙون پنهنجي ڌرتي ۾ موجود آهن. اسان جو آڳاٽو سماج ۽ ان ۾ رسم ۽ رواج، رهڻي ڪهڻي، عقيدن، قبائلي زندگي جا طور طريقا رنگ ۽ ڍنگ کان علاوه اسان جي تاريخي ۽ نيم تاريخي ڪردارن ۽ شهزور سورمن جي بيان تي ٻڌل آهن. بقول ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي صاحب.

”سنڌي افسانو پنهنجي ديسي فني روايت مان نسريو ۽ عشق و محبت ۽ جنگجويانہ سرگرمين ۾ پرورش پاتائين ۽ وقت گذرندي ان ۾ ڪيترين ئي صنفون پيدا ٿيون، سيني کي گڏئي سنڌيءَ جو قديم افسانوي سرمايو چئجي ٿو. انهن مان ڪي ڪهاڻيون ۽ ڪردار پنهنجي تاثير ۽ جذبات انگيزيءَ باعث گهڻو مقبول رهيا آهن، ايتري قدر جو اسان جو سمورو ”ڪلاسيڪي ادب“ انهن ڪردارن جي تاڃي پيٽي ۾ اٽيل آهي. نہ رڳو ايترو بلڪ ڪيترا ڪردار اڄ جي جديد ادب ۾ بہ علامت طور قائم ۽ دائم آهن“. (1)

عرساڻي صاحب جن جيئن لکن ٿا تہ اهو درست آهي تہ چاڪاڻ تہ سنڌي افساني جون پاڙون ۽ موضوع پنهنجي ڌرتي سان ئي جڙيل آهن انهيءَ جو سبب سنڌي

ادب جون مضبوط روايتون آهن جيڪي اسان جي ادب جي هڪ مضبوط سڃاڻپ ۽ شاندار ماضي ۾ لکيل آهن. سنڌي زبان جو ڪلاسيڪي ادب تمام شاندار ماضي رکي ٿو. اهوئي سبب آهي جو سنڌي زبان جو ڪلاسيڪي نثري ادب هجي يا شعري ادب تمام مضبوط روايتن سان گڏو گڏ ڌرتي سان جڙيل آهي. ڇو جو جيڪو ادب ڌرتي سان جڙيل هوندو آهي انهيءَ جا موضوع پڻ ڌرتي مان کنيل هوندا آهن. ايتري تائين جو ڪلاسيڪل صوفي شاعرن ۽ فنڪارن انهن ڪردارن کي پنهنجي ڪلام ۾ ڳائي لازوال بڻائي ڇڏيو آهي. جنهن جو اعلىٰ مثال شاهه لطيف جي شاعري آهي، جنهن پنهنجي شاعري ۾ سنڌ جي قصن کي ڳايو آهي.

دنيا جي قديم ۽ ترقي يافته ٻولين وانگر سنڌيءَ ۾ قصي جا اهڃاڻ ڪافي گهڻو اڳ ملن ٿا. ساڳي وقت ۾ سنڌي جي پاڙيسري ٻولين جهڙوڪ راجستاني، گجراتي ۽ هندستاني ٻولين ۾ به مسلسل داستان نظم توڙي نثر ۾ ملن ٿا. پر انهي جاءِ تي سنڌي زبان ۾ اهي قصا تحريري ثبوت جي بجاءِ لوڪ رس جي نسل درنسل روايتن منجهان اسان تائين پهتا آهن، يعني هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين منتقل ٿيا آهن.

ڏٺو وڃي ته هڪ پاسي افسانو، هڪ ادبي روايت بڻيو، ته ٻي پاسي وري اُهو هڪ مڪمل سماعتي فن جي صورت ۾ اُڀريو. ڇو ته افسانو تفريحي وندر جو هڪ ذريعو به پڻ بڻيو. اهڙي طرح قصي ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو فن ڪيترن ئي پيڙهين يا صدين تائين سرزمين سنڌ جي ماڻهن جو هڪ بهترين مشغلو رهيو آهي. ادب ۽ زندگي جو تعلق يا رشتو اڻ ٽٽ آهي، اها هڪ حقيقت آهي ته انهن ٻنهي مان ڪو به هڪ ٻئي سان تعلق ختم ڪري پنهنجي حوالي سان پروان چڙهي نٿو سگهي، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي ان حوالي سان لکن ٿا ته:

> ”دراصل انسان جي ادب ۾ دلچسپي ۽ ڪائنات جي جستجو آهي ئي پنهنجي وجود سان پيار ۽ لڳاءَ جي باعث، ٻين لطيف فنن وانگر ادب به پنهنجو موضوع، زندگيءَ جي وسيع دائري مان چونڊي ٿو. زندگيءَ جا مسئلا، حيات جي ڪشمڪش، من جا مونجهارا، سڀني جي عڪاسي ادب جي ذريعي ٿئي ٿي. انسان کي جيڪي پريشانيون ۽ مشڪلاتون آڏو اچن ٿيون، تنهن جون جهلڪيون ادب جي آئيني ۾ نظر اچن ٿيون“. (2)

سنڌي نثر ۾ ڪهاڻين لکڻ جو رواج 19 صدي ۾ پيو”راءِ ڏياچ “ (منشي اڌرام ٿانورداس) شهزادي ماڻڪ جي ڳالهه، ڀنڀي زميندار جي ڳالهه، (غلام حسين قريشي) سڌا تورو ۽ ڪڌاتورو، (ميران محمد شاهه) (1854ع) ڏاري لکيون ويون، انهن مان ڀنڀي زميندار جي ڳالهه ۽ سڌاتور ۽ ڪڌاتور (1855ع) ڪهاڻيون تمام وڏي اهميت رکن ٿيون، ڇاڪاڻ جو انهن قصن جو پلاٽ اخلاق ۽ نيڪيءَ تي رکيل آهن. سنڌي زبان ۾

شايد اهي پهريون ئي ڪهاڻيون آهن جن ۾ روزمره واري زندگيءَ جا واقعا ۽ حقيقي ڪردار پيش ڪيا ويا آهن ۽ منجهن مقامي رنگ بہ نمايان آهي. تنهن هوندي بہ انهن ڪهاڻين کي افساني جي باقاعده صورت سنڌي ادب ۾ نہ مڃيو ويو آهي. ان حوالي سان محمد اسماعيل عرساڻي جن لکن ٿا تہ:

> ”اسان پنهنجي زميني داري جي ڳالهہ ۾ سڌا تورو ۽ ڪڏا تورو“ ڪهاڻين کي باقاعدي مختصر افسانو ڪونہ چوندا سون، ڇاڪاڻ تہ اهي افساني جي فني اصولن ۽ لوازمن کان گهڻو دور آهن. البت انهن کي ”سنڌي افساني“ جي هڪ اوائلي صورت چئي سگهجي ٿو“. (3)

وري ميمڻ رانجهڻ خان جن لکن ٿا تہ:

> ”1914ع ۾ مرزا قليچ بيگ جو هڪڙو افسانو ”شريف بيگم“ جي عنوان سان شايع ٿيو، ان کي اسين جيڪڏهن موجوده افساني جو پيش خيمو چئون تہ بجا آهي. جيتوڻيڪ هن افساني جو مضمون سماج جي اصلاح آهي، پر ان جي سٽاءُ موجوده افساني کان بيءَ طرز جي آهي“. (4)

هن مٿين ڳالهہ سان اسان جا سنڌي ادب جا ڄاڻو ، محقق ۽ نقاد اتفاق ڪن ٿا سنڌي زبان ۾ باقاعده افساني جي صورت مرزا صاحب جي مٿي ڏنل افساني کي چئي سگهجي ٿو. ڇو تہ مرزا صاحب جو افسانو فني ٽيڪنڪ جي حوالي سان اڄ جي افساني سان ملندڙ جلندڙ آهي ۽ موضوع اصلاحي اٿس. هن افساني کان علاوه ٻيا بہ افسانا سماجي مسئلن، معاشرتي بڇڙاين ۽ ٻين مسئلن خلاف لکيا ويا آهن. ان ڪري ان کي اسان سنڌي افساني جو ابتدائي دور چئي سگهون ٿا.

ڪوڙو مل جنهن بنگالي ليکڪ بنڪم چندر چٽرجيءَ جا سماجي افسانا سولي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا، جن مان ”بہ منڊليون“ (1911ع) ۽ اندر ۾ راڌا راڻي (1914ع) تمام مشهور ٿيا. وري پرمانند ميوارام جي ”دل بهار“ (1912ع) جا چار ڀاڱا شايع ٿيا. جن ۾ مزيدار ۽ دل وندرائيندڙ آکاڻيون هيون. انهيءَ کان علاوه سماجي مسئلن جي موضوع تي بہ طبع آزمائي ڪئي جن ۾ قابل ذڪر افسانا ”لڇڻ ڪين لڏو“ طبعزاد افسانو، ”هيري جي منڊي“ پڻ هڪ سماجي مسئلن جي موضوع تي لکيل افسانو آهي. نانڪرام ڏرمداس بہ معاشرتي ۽ اخلاقي افسانا ”ڌرم راءِ جي وهي“ ۽ ”جيوت جو جس“ (1915ع) پڻ لکيا آهن.

ان دور جا بہ ٻيا اهم افسانہ نگار ۽ سنڌيڪار ڪاڪو ڀيرو مل ۽ جيٺمل پرسرام آهن. جيٺمل پرسرام جي ڪهاڻين جو مجموعو ”چمڙا پوش جو آکاڻيون“ (1923ع) ۽ اندر جا اڏما بہ ان دور ۾ ڇپيا. 1924ع ۾ پروفيسر منگهارام جي ڪهاڻي ”گونگي

ڪنوار“ شايع ٿي. جيڪاا بنگالي ٻوليءَ تان ترجمو ٿيل آهي. انهن ڪهاڻين جي موضوعن تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ هي سڀئي ڪهاڻيون معاشرتي آهن. سندن موضوعن ۾ ان وقت سنڌي سماج ۾ پيدا ٿيل خانداني مسئلن ۽ منجهن پيدا ٿيل طبقاتي فرق جو شدت سان ذڪر ملي ٿو. سماج ۽ معاشري جي هٽ ٺوڪين رسم ، رواجن ۽ اصولن تحت ڪيترائي ڪٽنب ۽ خاندان اجڙي برباد ٿي وڃن ٿا. ايتري تائين جو زال، مڙس جي خوشين ۾ بہ اهي هٽ ٺوڪيا رسم ۽ رواج اڳيان اچي ويندا هئا. پيڪن ۽ ساهرن جي جهيڙي جا مسئلا، سس ۽ ننهن جي اڻ بڻت جهڙن گهريلو مسئلن سان گڏو گڏ پردي جو رواج، مائٽيءَ برادريءَ جي سخت گير رسمن، فردن جي لاڳاپن، نجي زندگي ۾ ويڇو پيدا ڪري ڇڏيو هو وري اهڙن اهم گهريلو موضوعن تي انهي وقت قلم کنيو ويو ۽ انهن مسئلن جي موضوعن تي ڪيتريون ئي ڪهاڻيون لکيون ويون. گهڻو ڪري ڪهاڻي جا ڪردار ۽ موضوع سماج ۽ معاشري جي عام ماڻهن منجهان کنيا ويندا هئا. پوءِ انهن جو عمل بہ عام انسانن جهڙو هوندو هو. ڇو تہ ڪردار ٺيٺ بہ اهي کپن جيڪي اسان جي چوگرد گهمندا ڦرندا هجن ۽ پڙهندڙ ان کي قبول ڪرڻ ۾ دير نہ ڪري. ليکڪ هون بہ اهي ڪردار تخليق ڪندو آهي جيڪي سماج ۾ ڏسي واسي ٿو. ان ڪان سواءِ اهو بہ هوندو آهي تہ جيڪو افسانا نگار پنهنجي ڪهاڻي ۾ ڏئي ٿو اهو اهڙو جو اهڙو يا هوبهو حقيقي سماج تہ نہ هوندو آهي پر سندس سماج جو عڪس ضرور هوندو آهي. جيڪو سماج جهڙو ئي هوندو آهي.

سنڌي ڪهاڻيءَ جو ٻيو دور 1925ع کان 1940ع تائين قائم رهيو. 1923ع ڌاري بنگال جي عظيم اديب ۽ شاعر رابيندر ناٿ ٽئگور پنهنجا سڀاڳا قدم جڏهن سنڌ جي زرخيز سرزمين تي گهمايا، انهي دوري سنڌي اديبن ۾ گهڻو اتساهہ پيدا ڪيو ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي صاحب جن لکن ٿا تہ: ”رابيندر ناٿ ٽئگور سنڌ ۾ وشو ڀارتي يونيورسٽي لاءِ امدادي فنڊ گڏ ڪرڻ لاءِ آيو هو. ادبي ۽ ثقافتي مرڪزن طرفان سندس هر هنڌ آجيان ڪئي وئي ۽ هن پنهنجي گڏجاڻين ۾ سنڌين کي ڪيترائي سهڻا اپديش ڏنا، هڪڙي ڀيري هڪ هنڌ چيائين تہ:

> ”اوهان سنڌي واپارين ۾ ڇوت ڇات نہ ڏسي، منهنجو من ڏاڍو سرهو ٿيو آهي، نہ تہ ٻين صوبن جا هندو ڪٽر ڌرمي هجڻ جي مرض ۾ ورتل آهن، مگر اوهان سنڌي اڃا تائين بہ ٻاهران درآمد ٿيل ”مغربي تهذيب“ جا غلام آهيو. ڪهڙو نہ دکدائڪ نظارو آهي، جو اوهان جا نوجوان ڌارينءَ ٻوليءَ ۾ ڳالهائين ٿا تہ ڪئين نہ اوهين خوشيءَ جو اظهار ٿا ڪريو“. (5)

ٽئگور جي انسان دوستيءَ واري، امن ۽ محبت واري پيغام قومي سجاڳي واري روشن نظرئي سنڌي ادب ۽ سنڌي اديبن کي هڪ نئي راهہ ڏيکاري ۽ ٽئگور جو

سنڌ ۾ اچڻ جڻ سنڌي ادب جي تبديلي ۾ هڪ سنگ ميل ثابت ٿيو. شمس الدين عرساڻي صاحب جن وري بئي هنڌ لکن ٿا تہ:

”ان وقت هندوستان ۾ هوم رول خلافت تحريڪ توڙي سياسي سجاڳي جي ٻين تحريڪن بہ منهن ڪڍيو. ٻئين عالم گير جنگ جو خوف بہ سرن تي منڊلائي رهيو هو جتي سياسي فضا ۾ ڏينهون ڏينهن ڪشمڪش وڌي رهي هئي، اتي مادي حالتون بہ ابتڙ ٿيڻجي رهيون هيون. سنڌ جا هندو نوجوان جيئن ئي هندوستان جي مختلف يونيورسٽين مان تعليم حاصل ڪندا واپس وطن وريا ٿئي تيئن ئي هنن پنهنجي روشن خياليءَ ۽ قومي سجاڳيءَ جي جذبن کي ادبي اظهار جو وسيلو بڻايو ٿي. تعليم وڌڻ سان سنڌي ادب جي هلچل بہ وڌندي رهي ۽ ان جي ترقيءَ جون ڏينهون ڏينهن نيون راهون کلنديون رهيون“. (6)

هيءُ اهو زمانو هو جنهن ۾ تمام گهڻي تعداد ۾ سنڌي ادب ۾ ترجمو ڪري ڪهاڻيون شايع ڪيون ويون. جنهن ڪري هن دور کي ترجمي جو دور پڻ چئجي ٿو. هاڻي ڏسڻو اهو آهي تہ انهن ترجمن مان سنڌي ڪهاڻي کي حقيقي طور ڪهڙو فائدو حاصل ٿيو؟ اسان جي ادب صحيح معنيٰ ۾ ڪهڙا خيال قبول ڪيا ۽ انهن مان ڪهڙا فني پهلو ڪٽي اڳيان وڌيو؟

سنڌي ڪهاڻيون ترجمي ذريعي جي لکيون ويون تن جو اسان جي سنڌي ڪهاڻي کي اهوئي فائدو ٿيو جو نون لکندڙن کي هڪ رستو يا ڪٽي چئجي پيچرو ملي ويو ۽ انهن اهي خيال قبول ڪيا جيڪي بنگالي ۽ هندي ڪهاڻيڪارن جي مقصدن ۾ شامل هو يعني انگريز سامراج کان ڇوٽڪارو ڇو تہ اهي ڪهاڻيڪار گهڻو ڪري وچين طبقي جا نوجوان هئا. هو مغربي آدرشن ۽ تعليمات کان پوري طرح آگاهہ هئا. ذهني طرح انهن جو لاڙو قومي آزادي ۽ نيشنلزم ڏانهن هو. گهڻو ڪري انهن جو تعلق ٻهراڙيءَ جي زندگي سان هو. جتي هو ڄاوا، نندا ٿي وڏا ٿيا هئا. جنهن ڪري قومي تهذيبي روايتون سندن مزاج ۾ مضبوطي سان سمايل هيون.

هنن جي ڪهاڻين ۾ پلاٽ ۽ ڪردار تمام وسيع هئا. سڄو ديس سندن ڪهاڻين ۾ هڪ تصوير ذريعي نظر ايندو هو. گهڻو ڪري ڪردار ڏٺل وائل ۽ پنهنجي ماحول مان ورتل هوندا هئا ۽ گهڻو ڪري ڪردار روزمره جي زندگي سان سلهاڙيل هوندا هئا. سندن ماحول حقيقي نظر اچي رهيو آهي، ڳوٺ، واهڻ وستيون ۽ شهرن جون گنجان آباديون سندن ڪهاڻين مان جهاتيون پائينديون نظر اچن ٿيون. هنن جا ڪردار بہ سماج جي هر هڪ طبقي جا فرد آهن. هنن جتي هارين ۽ مسڪين ماڻهن ۽ اڻوجهہ ڳوناڻن جي اجڙيل ۽ برباد زندگي جي عڪاسي ڪئي آهي اتي نادار

مزدورن ۽ گهٽ اجرت تي ڪم ڪندڙ پورهيتن ۽ ننڍي ملازمن، جي لاچار زندگي کي بہ بيان ڪيو آهي. اميرن ۽ زميندارن جي ظلم ۽ لالچ واري شڪل پڻ ڏيکاري آهي.

مٿي ذڪر ڪيل ڳالهين مان پتو پوي ٿو تہ اسان جي ليکڪن وٽ انهي وقت بہ ترقي پسند نظريو اڃان باقائده اعلانيل طور نمايان نہ ٿيو هو پر اسان جو اديب ايڏو شعور رکندڙ هو جنهن هن نظرئي کي اڳ ئي پنهنجي شعوري ۽ غير شعوري انداز ۾ نہ صرف قبول ڪيو بلڪ ان کي پنهنجي لکڻين ۾ پڻ پيش ڪيو. ترقي پسند نظرئي جا جيڪي اهم نڪتا هئا جيئن غربت ۽ مفلسي، برابري، ڏاڍ ۽ جبر جي خلاف آواز اٿارڻ سي سڀئي اسان جا ان وقت وارا اديب پنهنجي ڪهاڻين ۾ بيان ڪندي نظر اچي رهيا آهن. سندن موضوع اهي آهن جيڪي حقيقي ۽ ڏٺل وائٺل آهن. هنن ڪا بہ ڳالهہ مافوق الفطري انداز ۾ ڪا نہ ڪئي آهي، هر ڳالهہ حقيقي نظر سان ڪئي آهي. انهيءَ دور ۾ ئي اسان کي اندازو ٿي وڃي ٿو تہ اسان جي ڪهاڻين ۾ ادب برائي ادب کي ڇڏي ڪري ادب برائي زندگي جي تصوير ڪشي ٿيندي نظر اچي رهي آهي. ڇو تہ ترقي پسند ليکڪن جو بنيادي مقصد قومي بيداري يعني سجاڳي پيدا ڪرڻ، انهيءَ کان علاوه اهو ادب تخليق ڪرڻ جيڪي انساني زندگي ۾ ڪا سٺي تبديلي رونما ڪرڻ هو. صحيح ادب اهو آهي جيڪو انسانيت جي مقصد جي ترجماني ڪري. ترقي پسند اعلان نامي ۾ اهو واضح آهي تہ ”اسان جو مقصد آهي تہ اسان جي زندگي جا بنيادي مسئلا اسان جا موضوع هوندا، بک، اڃ، ننڍ وڏائي جو فرق، سماج ۾ اڻ برابري، ۽ غلامي جهڙا مسئلا پنهنجي لکڻين ۾ انهن کي موضوع بڻائي انهن جو حل ڳوليندا سين، ۽ سماج ۾ غلط ۽ مدي خارج شين کي ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪندا سين.

ترقي پسند تحريڪ برصغير جي ٻين علائقن جيان سنڌي ادب ۾ بہ 1940ع کان پوءِ واري دور ۾ ئي پاڙون پختيون ڪيون هنيون. ڊاڪٽر نورافرز خواجہ صاحب مطابق:

> ”دراصل ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾، سنڌيءَ ۾ ترقي پسند ادب جو اندازو ڪو گهڻو ناهي، پر تنهن هوندي بہ هن رجحان جو اثر نظم جي ڀيٽ ۾ نثر تي وڌيڪ آهي روسي انقلاب کان پوءِ ٻي مهاڀاري لڙائي ۽ آزاديءَ جي هلچل جو سنڌي ادب تي گهڻو اثر پيو. سنڌي اديبن پاڻ کي پراڻي گهٽل ڀيٽل رومان واري رجحان کان آزاد ڪيو. هو مختلف رجحانن ۽ مسئلن جي پيدا ڪيل معاشي ۽ معاشرتي سوچ کان متاثر ٿيا. ۽ انهيءَ ڪري ترقي پسند رجحان ذريعي فڪر ۽ منطق، سنڌي ادب ۾ داخل ٿيو. (7)

ثميره زرين پنهنجي مقالي ”سنڌي افساني جي اوسر“ ۾ لکن ٿيون تہ:

"1936ع ڌاري سنڌ ۾ سوشلسٽ تحريڪ جو اثر نظر اچي ٿو. ان تحريڪ جي اثر ڪري سنڌي ادب ۾ ترقي پسند ادب جا لاڙا عام ٿيڻ لڳا. ترقي پسند اديبن ۾ اڪثريت نوجوان افسانہ نگارن جي هئي جئين تہ "سنڌ ۾ هاري پارٽي" جي اڳواڻ محترم حيدر بخش جتوئي هارين جي زندگي بابت ڪافي اصلوڪيون ڪهاڻيون لکيون ۽ مختلف افسانہ نگارن جي ڪهاڻين کي گڏي ڪتابي صورت ۾ ڇپايو. انهن ۾ "ڪمدار جا ڪارناما" ڪتاب، قابل ذڪر آهي. انهن افسانن ۾ سائينداد سولنگي "انڌيءَ جو جنڊ" ۽ شيخ اياز جو "هيءُ هاري" سٺا آهن". (8)

وري پاڻ ساڳئي صفحي تي لکن ٿيون تہ:

"1940ع کان پوءِ 1947ع تائين وارو هنگامي دور هو. انهيءَ دور ۾ ٻي عالمگير جنگ ختم ٿي هئي ۽ برصغير ۾ آزاديءَ جي هلچل زور هئي. ان وقت نوي سيڪڙو افسانن ۾ اسان کي ڌاري حڪومت جي خلاف باغيانہ خيال نظر اچن ٿا. انهن جا ليکڪ هندو بہ هئا ۽ مسلمان بہ ان وقت جي افسانن نگارن مان هن وقت بہ افسانا جيڪي لکي رهيا آهن، تن ۾ مکيہ هي آهن: شيخ اياز، گوبند پنجابي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي"(9)

مٿي ڏنل حوالن سان ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌي ادب ۾ ترقي پسند رجحان وارو لاڙو 1936ع کان پوءِ عام ٿيڻ لڳو ۽ ايتري تائين جو سنڌي ادب ۾ خاص طور افسانن ۾ اهي عنوانن سان افسانا لکيا ويا جيڪي معاشري ۽ سماج ۾ پيڙهيل طبقي سان وابسطہ هئا.

بقول ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي:

"1940ع تائين سنڌي مختصر ڪهاڻي جي ارتقا ۾ ڪيترين ئي ڳالهيون مددگار ثابت ٿيون، "عوام" جو جيڪو اڄ ڪلهہ مفهوم ورتو وڃي ٿو، سو بنگالي ڪهاڻين ۽ هندي ترجمن وسيلي اسان جي افسانوي ادب ۾ پهرين پهرين نمايان ٿيو آهي. بنگالي ترجمن جو اهو اثر ٿيو، جو سنڌي اديبن ڪهاڻين لاءِ پنهنجا ڪردار هيٺين طبقي مان کنيا. اهو ترجمن جو ئي ڪرشمو چئبو، جو اسان جي ڪهاڻين جا هيروز شهزادن ۽ سوداگرن بدران عام رواجي انسان بنجي ويا". (10)

سنڌي ڪهاڻي هن دور ۾ هاڻي مقصدن ۽ صحيح رستي تي هلڻ لڳي ۽ اهو رستو وني ڪري اڳيان وڌي شمس الدين عرساڻي جن لکن ٿا تہ:

> ”سنڌي ڪهاڻي کي اڳيان وٺي ويندڙن ۾ جنهن جو پهريون پانڌيئڙو امر لعل هنڱوراڻي آهي. هو پهريون ئي ڪهاڻيڪار آهي، جنهن طبعزاد ڪهاڻين کي سنڌي ادب ۾ اهم مقام ڏنو“. (11)
>
> ”پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ امر لعل هنڱوراڻي کي پهريون حقيقت نگار اديب ۽ جديد سنڌي ڪهاڻي جو پايو وجهندڙ چيو آهي. هو لکي ٿو ته: امر لعل کي حقيقت نگاري (Realism) تي ٻڌل جديد ڪهاڻي نويسي جي فن جو باني ڪوٺي سگهجي ٿو“. (12)

امر لعل هنڱوراڻي جي ڪهاڻين ۾ ڪيترائي سماجي مسئلا پيش ڪيل آهن. هن پنهنجي سماج ۽ معاشري جا مسئلا ڪٺي انهن کي نئين انداز ۾ پيش ڪيو آهي، جنهن ڪري سندن ڪهاڻين ۾ موضوعن جي جدت نظر اچي ٿي. ڇو ته پاڻ وڪالت جي پيشي سان وابسته هو ۽ افسانن جا موضوع پڻ پنهنجي ڏنڌي مان ئي چونڊيندو هو، جن کي تمام وڻندڙ ۽ اصلاحي انداز سان پيش ڪندو هو. ڪيرت ٻاٻاڻي جن امر لعل هنڱوراڻي جي ڪهاڻين جي موضوع جي حوالي سان لکن ٿا ته:

> ”امر لعل هنڱوراڻي پنهنجي دور جو هڪ بي باڪ ۽ جديد ليکڪ هو، جنهن پنهنجي دور جي مڙني پيچرن کي پٺتي ڇڏي هڪ نئون گس گهڙيو“. (13)

انهيءَ حوالي سان چئي سگهون ٿا ته امر لعل هنڱوراڻي جي ڪهاڻي ”ادو عبدالرحمان“سنڌي جديد ڪهاڻي جي پهرين پيڙهه جي سر آهي. انهي حوالي سان ڪيرت ٻاٻاڻي جن لکن ٿا ته:

> ”سنڌي ۾ صحيح معنيٰ ۾ نئين ۽ جديد ڪهاڻي جي ڪوشش ۽ ڪاس ۾ ”ادو عبدالرحمان“ هڪ وڏو قدم آهي. سنڌي ساهت جي اندر پنهنجي دور جي حد نشان ئي رهندي. جتان سنڌي جديد ڪهاڻي جو بنياد ٻڌي سگهجي ٿو“. (14)

جديد ادب جي پنهنجي هڪ تقاضا آهي هر دور جو ادب پنهنجي حوالي سان جديد ادب هوندو آهي پر انهيءَ ۾ ڪجهه بنيادي عنصر شامل هوندا آهن. نئون پراڻي جي ڀيٽ ۾ نئون انهي وقت سڏبو، جڏهن انهيءَ ادب ۾ مدي خارج ۽ ڪٽ لڳل قدرن کي چئلينج ڪيو ويجي. جيڪو ترقي پسند نظرئي وارن حامي ليکڪن جي سوچ به هئي ته منزل به هئي ته جيڪي سماج ۾ برائيون رڳو انسانن جي خلاف آهن انهن کي ختم ڪيو وڃي ۽ ادب اهڙو تخليق ڪجي جيڪو سماج ۽ معاشري لاءِ روشن راهون کولي.

انهيءَ سڄي بحث مان اسان اهو نڪتو نروار ڪري سگهون ٿا ته امر لعل هنڱوراڻي جديد سنڌي ڪهاڻي جو سرواڻ آهي ۽ سندن ڪهاڻين ۾ ترقي پسند

موضوع ملن ٿا. سندن ڪهاڻين جو مجموعو ”ادو عبدالرحمان“ آهي. هن مجموعي جو 1981ع ۾ پارٽ ۾ هڪ ايڊيشن نڪتو ۽ وري 1985ع ۾ نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد هڪ ٻيو ايڊيشن ڇاپيو آهي. هن ۾ ڪل 11 ڪهاڻيون آهن. جن ۾ ادو عبدالرحمان، ڏس ڏيوم تہ ڪٿان ليندي، هيءَ بہ رانجهوءَ سندي رمز، لالي، گوليءَ جو گناهہ، پائو، رام ۽ رحيم، رڪڙي ٻنڌڻ، لکيو ڪين ٽريو، ٻڍيءَ جي ٻاجهہ ۽ وقفيت جي عنوان واريون ڪهاڻيون شامل آهن. جن جي لکجڻ جو زمانو 1930ع کان شروع ٿئي ٿو. سندن ”ادو عبدالرحمان“ ڪهاڻي نمايان ناليءِ منفرد ڪردار سبب اڄ بہ نئين ۽ جديد ڪهاڻي جي روپ ۾ موجود آهي. ادو عبدالرحمان هڪ مست الست ماڻهو وانگر لڳندو هو. سندن موضوع هڪ نئون ۽ جديد ڪهاڻي افساني جي هڪ اهم رچنا آهي. ليڪ اهڙي موضوع کي ڪنيو آهي جيڪو ظاهر ۾ تہ مست آهي پر سندن اندر صاف ۽ اُجرو آهي. هيءُ موضوع هڪ منفرد ۽ نئون هجڻ سان گڏو گڏ عدالت پاران مجرم سان تہ غلط برتاءُ ٿيندو رهي ٿو پر جيڪي شاهد عدالت ۾ شاهدي ڏيڻ اچن ٿا انهن کي بہ ڪيترو تنگ ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. امر لعل هنڱوراڻي ڪهاڻي جي پڇاڙي تمام خوبصورت نموني ڪئي آهي لکن ٿا تہ:

عبدالرحمان قلم ۽ پنو ڪڍي هيٺين ريت لکيو:

”جناب مئجسٽريٽ صاحب!

> ادي عبدالرحمان ڪورٽ جي بي ادبي نہ ڪئي آهي. توهان پاڻ ڪورٽ جي بي ادبي ڪئي آهي. اڄوڪي ڏينهن ۾ ٻين شاهدن کي گاريون ڏنيون اٿو. ادي عبدالرحمان کي گاريون سندس گوڏڙيءَ جي پلو کي بہ لڳن. توهين ماڻهن جا حاڪم نہ آهيو پر سندن نوڪر. اسان شاهد ڪورٽ ۾ پاڻ نہ ڪونہ آيا آهيون توهان گهرايو آهي ۽ آئي جي آدر بہ اهو! ڪير توهان جي ڪورٽ کي شاهدي ڏيندو، جي شاهدين کي گارين جي ورڪا پوندي؟“ (15)

هن ڪهاڻي ۾ جيڪا موضوع جي جدت آهي اها آهي عدالتن ۾ جيڪي ڪجهہ ٿي رهيو آهي اهو سچو ڪجهہ بيان ٿيل آهي ۽ جيڪو پڙهندڙن لاءِ هڪ اصلاحي نڪتو اپاري ٿو. ڏنو وڃي تہ اڄ بہ عدالت ۾ اهو ڪجهہ ٿي رهيو آهي اهو سچو ڪجهہ بيان ڪيل آهي. هن ڪهاڻي جو موضوع سماجي حقيقتن مان ڪنيو ويو آهي. پلاٽ حقيقت تي ٻڌل آهي جنهن ۾ هڪ گهرو مشاهدو سمايل آهي ۽ جنهن ۾ نفسياتي حوالي سان هڪ خوبصورت ۽ انوکي انداز ۾ روشني وڌي وئي آهي.

هيءَ ڪهاڻي 1930ع ڌاري لکي وئي هئي انهي وقت ترقي پسند نظرئي جو باقاعدي اعلان تہ ڪونہ ٿيو هو پر هن ڪهاڻي مان لڳي ٿو تہ سنڌ جا ليک شعوري

طور تي ڪيڏا نہ پختا هئا جو انهن اهڙا موضوع پنهنجين ڪهاڻين ۾ ڏئي هڪ نئي جدت پيدا ڪئي.

هن دور جو اهم پيو ڪهاڻيڪار مرزا نادر بيگ آهي. جنهن جي ڪهاڻين ۾ بہ اعليٰ انساني قدر ملن ٿا. هن جي وفات ڀوهہ جواني ۾ ٿي هن جي موت جي سبب ڪري سنڌي ادب کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. هن ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ماهوار سنڌو رسالي ۾ 1932ع کان 1936ع تائين لکيون. جيڪي تمام گهڻيون اهم ڪهاڻيون آهن. مرزا صاحب افساني جي فن جو ماهر هو، سندن افسانن ۾ معاشري جي اصلاح نظر اچي ٿي سندن ڪهاڻين ۾ مس رستم جي، موهني جي ڊائري، ماءُ جو ڦهر، انقلاب، اڇوت، گهرجي ڇڪ وغيره بهترين افسانا آهن. سندن موضوع پنهنجي ئي معاشري ۽ سماج مان کنيل آهن. سندن تحرير ۾ شگفتگي ۽ رواني پڻ آهي. سندن افسانن ۾ ان جي ڪردارن سان ڪيس سڌي ريت پنهنجائپ محسوس ٿئي ٿي. مرزا نادر بيگ مزاحيہ افسانا بہ لکيا آهن. جن مان سندن ظرافت ۽ طنز جي خبر پوي ٿي. مزاحيہ افسانن ۾ سندس افسانو "پاڄائي مضمون لکيو" هڪ بهترين افسانو قرار ڏنو وڃي ٿو. هن طنز مزاح ۾ معاشري ۾ جيڪي برايون آهن تنهن تان پردو کنيو آهي.

1936ع ڌاري سنڌ ۾ سوشلسٽ تحريڪ جو اثر جيڪو نظر اچي رهيو هو. ان تحريڪ جي اثر ڪري سنڌي ادب ۾ ترقي پسند ادب جا لاڙا عام ٿيڻ لڳا هئا. مرزا نادر بيگ جي افسانن ۾ بہ ترقي پسند ادب جو لاڙو ملي ٿو. جنهن جي ڪري سندن لکڻين ۾ معاشري ۾ اوڻاين بابت موضوع تي لکڻ ۽ انهن اوڻاين تان پردو کڻي انهن جي جاءِ تي هڪ ترقي پسند فڪر کي جاءِ ڏني وئي ۽ پراڻن قدرن کي ڦٽو ڪري نون قدرن کي اجاگر ڪيو ويو.

هن لڙي جو ٽيون اهم ڪهاڻيڪار عثمان علي انصاري آهن جن جو مجموعو "پنج" 1937ع ڌاري شايع ٿيو آهي. ان ۾ سنڌي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن تي روشني وڌي وئي آهي. سندن "ململ جو چولو" مشهور افسانو آهي. هيءَ هڪ وفادار عورت جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ سچي محبت بہ هڪ جرم بڻجي وئي آهي. هڪ وفادار عورت تي بي گناهہ پنهنجو مڙس ظلم ۽ زيادتي ڪري ٿو. عورت هر قسم جا سور سهي ڪري بہ ٻاڦ ٻاهر نٿي ڪڍي. هن افساني ۾ انصاري صاحب جن هڪ اهڙي موضوع کي کنيو جيڪو معاشري ۾ هڪ پيڙهيل طبقي وارو موضوع هو ۽ پهريون ڀيرو انصاري صاحب جن پنهنجي قلم ذريعي نروار ڪيو. ڇو تہ اسان جي معاشري ۾ عورت کي جيڪڏهن مڙس، پاءُ يا پيءُ ماري يا ظلم ۽ تشدد ڪري تہ اهو جڻ رواج آهي پر ڏنو وڃي اهو هڪ فرسوده ۽ غلط رسم ۽ قدرن ۾ اچي وڃي ٿو. تنهن ڪري افسانہ نگار پنهنجي قلم جي جنبش ذريعي هڪ غلط رسم ۽ پراڻن رسمن کان آڄي ٿيڻ ڏانهن پڙهندڙن جو ڌيان ڇڪايو آهي. جيڪو هڪ اهم ۽ نئون موضوع پڻ

هو. سندس ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج جي عڪاسي پيش ڪيل آهي. سندس ڪهاڻين جا خاص موضوع آهن، ”عورت جي محبت“ ان جي وفاداري ۽ مٿس ٿيندڙ ظلم، جن کي هوءَ صبر سان برداشت ڪندي رهي ٿي. انصاري صاحب جا سيئي افسانا نهايت ئي دلڪش انداز ۾، سادي ۽ وڻندڙ ٻوليءَ ۾ پيش ڪيل آهي.

1940ع کان 1947ع تائين افساني جو ٽيون ۽ انگريز سرڪار جو آخري دور آهي. هن دور جي اها خاص خصوصيت آهي ته هن دور ۾ به سيني صنفن کان وڌيڪ افسانا گهڻا شايع ٿيا آهن.

> ”هن دور جي ادبي اظهار جو مکيہ وسيلو هيو ئي افساني نويسي“. (16)

ڏنو وڃي ته هي زمانو پوري دنيا ۾ هنگامن وارو دور رهيوآهي هن دور ۾ ٻي عالمي جنگ (1939ع کان 1945ع) لڳي هئي جنهن ڪري تقريبن دنيا جي اڌ آبادي انهيءَ جنگ جي ڪري تباهي جي چورائي تي اچي وئي. اسان جي سرزمين ۾ به انهي دور ۾ آزاديءَ جي تحريڪ به پورو زور وٺڻ لڳي ۽ پوري برصغير ۾ عروج تي پهچي چڪي هئي.

هر طرف سياسي ۽ سماجي هلچل ۽ تحريڪن جو ملڪ ۾ هڪ مانڌاڻ متل هو. هن دور جي افسانن ۾ اڪثر موضوع آزاديءَ جو جذبو ڪار فرما آهي. جن ۾ ڌارين حڪومت خلاف باغياڻا خيال ملن ٿا. هن دور کان ڪجهه پهرين ڪيترين بين الاقوامي تحريڪن جن ۾ سوشلزم ۽ ڪميونزم وغيره جو اثر به سنڌي ادب تي پيو جيڪو هندوستاني ادب جي معرفت اسان جي ادب تي به اثرانداز ٿيو. هن دور جي افسانن جا موضوع سياسي، سماجي، معاشي ۽ اخلاقي مسئلن تي ٻڌل آهن انهيءَ کان علاوه ڌارين جي غلامي ۽ انهن جا ظلم، غريبن جي بدحالي ۽ اقتصادي ڦرلٽ وغيره جهڙن اهم موضوعن تي تمام گهڻا افسانا لکيا ويا ۽ اهي ئي مسئلا اسان جي افسانن جا موضوع پڻ بڻيا هئا. ترقي پسندي وارو لاڙو ڪو هڪ مقرر وقت ۾ رائج يا متحرڪ ڪونہ ٿيو آهي پر اهو رويو، لاڙو هر دور ۾ موجود رهيو آهي. ڊاڪٽر غفور ميمڻ جن لکن ٿا ته:

> ”ترقي پسندي هڪ جامع ۽ متحرڪ اصطلاح آهي، ترقي پسندي هڪ رويو، لاڙو ۽ تحريڪ آهي، جيڪا هر دور ۾ موجود رهي آهي. ترقي پسندي ڪو موجوده دور جو محدود رويو ناهي، نہ وري ان جو دائرو محدود آهي. ترقي پسندي جو نظريو انساني تاريخ جي اڻ ڪٽ بابن جي هر دور ۾ موجود رهيو آهي، انسان فطرت جي غلامي ۽ بي وسي کان جيئن آزاد ٿيڻ شروع ٿيو ۽ فطرت جي انڌن قانونن سان مهاڏو اٽڪائيندي سک ۽ سهولت

واري زندگي ۾ قدم رکيو اٿس تيئن هو ترقي پسندي جي رستي تي هليو آهي". (17)

ڊاڪٽر غفور صاحب جن جي ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي اهو چئي سگهجي ٿو ته ترقي پسندي وارو لاڙو اهو نظريو آهي جڏهن ڪنهن به دور ۾ فرسوده نظام خلاف آواز بلند ٿيو اهو لاڙو انسانن جي غير شعوري طور به موجود هو. جڏهن ڪنهن به نئين نظرئي يا رويي جي ڳالهه ڪئي ويندي آهي ته ماڻهو ان کي جلد قبول ڪونه ڪندا آهن جنهن جو مثال اسان کي حضور صلي الله عليه وسلم جن جي تبليغ پڻ آهي، جڏهن حضور جن الله جو پيغام مڪي وارن کي ٻڌايو ۽ سندن غلط رسمن خلاف ٿي قدم کنيو ته مڪي وارن سندن جان جا دشمن بڻجي ويا، جڏهن گليلو چيو دنيا گول آهي ته ماڻهن انهيءَ کي قبول ڪونه ڪيو اهڙا ڪوڙ سارا مثال اسان جي اڳيان آهن. پوءِ وقت ثابت ڪيو ته ڪير سچائي تي هو. پراڻي نظام خلاف نوان نظريا ڏنا ويندا آهن. اهي پنهنجي دور جا انقلابي ترقي پسند هئا.

ڊاڪٽر غفور ميمڻ صاحب جن لکن ٿا ته:

"سنڌي ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ جو اثر اڳ ۾ به موجود هو، جيئن ڪشن چند بيوس جو نظم "غريبن جي جهوپڙي" امر لعل هنگوراڻي جي ڪهاڻي "ادو عبدالرحمان" ۽ شيخ اياز جو افسانو سفيد وحشي". (18)

جڏهن هندوستان ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين جو قيام 1936ع ۾ ٿيو هو پر انهيءَ جي لهر يا اثر غالب ۽ سر سيد کان شروع ٿي چڪو هو. هن اردو ادب جي ترقي پسند تحريڪ جي لاءِ سازگار ماحول قائم ڪري ڇڏيو هو. اهڙي طرح سنڌ ۾ ته انجمن ترقي پسند مصنفين جو باقاعده آغاز ۽ قيام 1942ع ۾ ٿيو هو ۽ گوبند مالهي هن جو پهريون جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو هو. پر ترقي پسند خيال ۽ تصور هن کان گهڻو اڳ سنڌي ادب ۾ داخل ٿي چڪو هو. ڪشن چند بيوس جي شاعري پنهنجو مقام بڻائي چڪي هئي ان جو مجموعو "شيرين شعر" تمام گهڻي مقبوليت ماڻي چڪو هو. اهڙي طرح حيدر بخش جتوئي جو مجموعو "تحفه سنڌ" 1930ع ۾ شايع ٿي چڪو هو.

ڪاڪو سوڀو گيان چنداڻي جن لکن ٿا ته:

"سنڌ ۾ ترقي پسند رجحان ۽ خيال ۽ تصور جي فضا شروع کان وٺي موجود هئي. سنڌو ماٿري ۾ شروع کان وٺي هڪ گڏيل تهذيب قائم ۽ دائم رهي آهي. هتي هندو ۽ مسلم تهذيبون (Traditions) ڊگهي عرصي تائين هڪ ٻئي جي اڳيان پنيان هلنديون رهيون آهن. چو ته هڪ اهڙي ماحول ۾ گڏيل تهذيب جو

ايرڻ ڪو حادثو نہ هو پر معاشرتي حقيقت ۽ تاريخي عملن جو لازمي نتيجو بہ هو ۽ هي گڏيل تهذيب سنڌي تهذيب کان سواءِ ڪجھ نہ آهي“. (19)

ڪاڪي سوڀي جن وڏيڪ لکن ٿا تہ:

”توهان کي اسان جي شاعري ئي نہ پر پوري زندگي ۾ صوفياڻي خيال جو جلوو ملندو. اسان جو پهريون شاعر قاضي قادن آهي. ان کان پوءِ شاهہ ڪريم، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، سامي، بيڪس ۽ بيدل وغيره جن آهن. هي سڀ صوفي منش ماڻهو هئا پر انهن جو تصوف آخر ڇا هو؟ سوائي انسانيت جي اعلىٰ قدرن جي پرچار ۽ انسانن جي وچ ۾ ڀائي چارو، خلوص ۽ همدردي جي تلقين ۽ حق ۽ سچ جي تلاش پوءِ ڪٺي ڪهڙي بہ صورت ۾ موجود هو. زندگي جي حسن کان محبت ۽ ظلم جي طاقت جي خلاف نفرت جو اظهار ۽ انهن ماڻهن کان بچڻ جي هدايت جيڪي زندگي جي حسن کي بدصورتي ۾ تبديل ٿيڻ لاءِ ڪوششون ڪندا هئا، اها تعليم تہ دنيا جي هر مذهب ۾ موجود آهي. پر استحصالي ماڻهو انهن کي پنهنجي فائدي جي طور استعمال ڪندا آهن، اسان جي صوفي شاعرن انهن خيالن کي نهايت ئي موثر ۽ خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو آهي، ان ۾ ڪا بہ اهڙي ڳالھ نہ آهي جيڪا ترقي پسند خيالن جي خلاف هجي.“ (20)

هن سڄي بحث مان اندازو ٿي وڃي ٿو تہ سنڌ جي سرزمين ۾ ترقي پسند خيال شروع کان وٺي موجود رهيو آهي، انهيءَ ڪري سنڌ جي سرزمين کي امن ۽ محبت جو درجو پڻ حاصل آهي ۽ هن ڌرتي ڪيترائي صوفي منش انسان پيدا ڪيا ۽ ڪيترائي امن جي تلاش ۾ هن سرزمين ڏانهن ايندا رهيا. اها هڪ حقيقت رهي آهي تہ سنڌ جي ماڻهن ۾ ڪڏهن بہ ذات پات وارو چڪر نہ رهيو هو. هتان جو سنڌي مسلمان ۽ سنڌي هندو هڪ ٻئي جي ڏک، سک ۾ هميشہ گڏ رهيا آهن. تنهن جو اهم ڪارڻ سنڌ جي سرزمين شروع کان وٺي صوفين جي سرزمين رهي آهي ۽ هتان جا ماڻهو امن پسند رهيا آهن. سنڌ جي ماڻهن ڪڏهن بہ ڪٿي وڃي حملہ آورنہ رهيا آهن سدائين هن ڌرتي تي ڌارين اچي حملا ڪيا آهن ۽ بي گناهہ ۽ بي قصور عوام کي قتل عام ڪيو آهي.

سنڌ ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين جي ٺهڻ کان پهرين بہ ترقي پسند ادب جو رجحان عام هو. 1940ع جي لڳ ڀڳ سنڌ ۾ تبديلي ۽ جديد ساهت قائم ٿي. گوبند مالهي ۽ برڪت علي آزاد جن شڪارپور مان ”نئين دنيا“ جي نالي سان هڪ

ڪتابي سلسلو شروع ڪري ڇڏيو هو. شروع ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين ضرور قائم ٿي هئي. پر بعد ۾ هي سوچيو ويو تہ سنڌي ادب جو هڪ وڏو وسيع پليٽ فارم ناهيو وڃي جنهن ۾ مختلف نظرين ۽ خيالن جا ماڻهو جيڪي ترقي پسند ادب جي تصور سان اتفاق ڪندي گڏ ٿين پوءِ سنڌي ادبي سنگت جو قيام عمل ۾ آندو ويو جنهن ۾ ڪابہ ڏر وارن ماڻهن کي بہ شامل ڪيو ويو. تہ سوشلسٽ ۽ قوم پرست بہ هئا تہ وري لبرل ۽ روشن خيال ماڻهو بہ هئا. هن کان پهرين سنڌي ادبي سرڪل جي نالي سان تنظيم بہ ٺهي هئي جنهن ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي، احسان بدوي، اُتم چنداڻي، روشن مغل، حيدر بخش جتوئي، سوڀو گيان چنداڻي، عبدالرزاق راز ۽ شيخ اياز وغيره شامل هئا.

انجمن ترقي پسند مصنفين جو ٺهڻ 1936ع ۾ ظاهري طور سامهون آيو هو پر عملي طور تي ترقي پسند خيال هن کان تمام گهڻو اڳ پاڙون پختيون ڪري چڪا هئا. دراصل خيالن ۽ تصورن جي تبديليون هميشہ معروضي حالتن جي تبديلي سان گڏ عمل ۾ ايندڙيون آهن، ڪڏهن پوءِ ظاهري طور تي شڪل ۽ صورت بعد ۾ ڪنهن وقت پڌري ٿيندي آهي.

سنڌي افسانو شروع کان ئي سماجي ۽ اخلاقي مسئلن جو آئيني دار رهيو آهي ۽ ٻين رجحانن سان گڏو گڏ سماجي حقيقت نگاري بہ هر دور ۾ افسانہ نگاري ۾ مقبول عام رويو بڻجي هلندي اچي ٿي، ترقي پسند ادب جي تحريڪ هندوستان جي سڀني زبانن جي ادب تي پنهنجي گرفت مضبوط ڪئي. پوري ادبي فضا ترقي پسندن ۽ غير ترقي پسندن جي محاذ آرائي سان پڙاڏو بڻجي وئي هئي، ترقي پسندن جي اثر ۽ رسوخ ۾ هر روز اضافو ٿيندو پيو وڃي. ۽ جيڪي ماڻهو ڪابہ ڏر جي خيالن جا حامي نہ هئا پر روشن خيال رويو رکندا هئا اهي ترقي پسندن جي دائري ۾ ايندا ويا. هن پوري صورت حال جو سنڌي افساني تي سڌو سنئون اثر پئجي رهيو هيو.

"نئين دنيا ڪتاب گهر" شڪارپور مان گوبند پنجابي جي ڪهاڻين جو مجموعو "سرد آهون" جي نالي سان 1942ع ۾ شايع ٿيو. جيڪو ترقي پسند افسانن جو پهريون مجموعو هو. هن مجموعي ۾ جيڪي ڪهاڻيون لکيون ويون هيون تن ۾ غريب عوام، مزدور طبقي ۽ هارين جي مسئلن تي لکيل ڪهاڻيون هيون، ۽ سرمائي دارن، زميندارن وغيره جي ظلمن جي منظر ڪشي ڪئي وئي هئي. انهن افسانن ۾ سوشل ريئلزم سان گڏو گڏ طبقاتي ڪشمڪش ۽ سياسي شعور جي جهلڪ بہ موجود آهي. هنن ڪهاڻين ۾ حقيقت نگاري جي پوري پوري جهلڪ نظر اچي ٿي.

ٻن سالن کان پوءِ نئين دنيا ڪتاب گهر پاران گوبند مالهي جو مرتب ڪتاب "ريگستاني ڦول" شايع ڪيو. جنهن ۾ نون لکندڙن اديبن جون ڪهاڻيون شامل ٿيل هيون. هنن ڪهاڻين ۾ بہ سنڌي معاشري جي سماجي ۽ سياسي، معاشي ۽ اخلاقي

مسئلن تي ڪهاڻيون لکيل هيون. انهن عاليشان ڪهاڻين ۾ ڀڳوان لعل واڻي جي "ساڙهي" شيخ عبدالستار جي "رحيما" انند گولاڻي جي "سگ"، نارائڻ ديواڻي جي "ڏاڙيل"، جيون ترياڻي جي "موچن واري ڏاڏي"، رام لعل جي "جعفر بيلدار" ۽ سوڀي گيانچنداڻي جي "آڪيري جو ٽٽڻ" منتخب ڪهاڻيون هيون.

اهڙي طرح هي ڪهاڻين لکڻ جو سلسلو تمام زور شور سان شروع ٿيو. پاڪستان قائم ٿيڻ وقت جديد سنڌي افسانو تقريبن اڌ صديءَ وارو سفر طيءِ ڪري چڪو هو. جنهن ۾ 30،40 سال نهايت ئي سرگرم ۽ تيز رفتاري وارا سال هئا. پاڪستان قائم ٿيڻ وقت هاڻي هيءُ بلوغت جي منزل ۾ داخل ٿي ڪري ادب جي هڪ تندرست ۽ توانا صنف ۾ تبديل ٿي چڪو هو. اسان وٽ هر لاڙي ۽ فڪر ۽ تحريڪ جا الڳ الڳ اديب نہ رهيا آهن. اسان وٽ جڏهن جديد ادب لکجڻ لڳو تہ انهي وقت دنيا ۾ تقريبن سڀئي لاڙا پنهنجو پنهنجو ارتقائي سفر يا دور پورو ڪري چڪا هئا. موهن ڪلپنا پنهنجي مقالي سنڌ جي سنڌي ڪهاڻي ۾ لکن ٿا تہ:. "ورهاڱي کان اڳ سنڌي ۾ ترقي پسند فڪر ادب مٿان حاوي پوڻ لڳو هو" تہ اسان جي جديد ادب ۾ امر لعل ۽ اياز جي ڪهاڻين ۾ پوري زور سان ترقي پسند نظرئي وارا عڪس ملن ٿا. سندن موضوع انسان سان ٿيندڙ زيادتين ۽ نا انصافين تي مشتمل آهن.

ان کان علاوه ٻيين بہ ڪيترن ئي افسانہ نگارن جي افسانن ۾ ترقي پسند لاڙي جو اثر نمايان طور نظر اچي ٿو ۽ آزاديءَ کان پوءِ ترقي پسند لاڙي پوري سنڌي ادب کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو ۽ ترقي پسند افسانہ نگارن پنهنجي افسانن ۾ انهيءَ لاڙي کي ڀرپور انداز ۾ پيش ڪيو.


**حوالا:**

1) عرساڻي، شمس الدين آزادي کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب، انسٽي ٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1982ع، ص 26
2) عرساڻي، شمس الدين، آزادي کان سنڌي افسانوي ادب، ص، 166
3) عرساڻي، محمد اسماعيل، چار مقالا، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ڇاپو ٻيو، ص 62
4) ميمڻ، رانجهڻ خان، سنڌي افسانو آزادي کان اڳ، انسٽي ٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1996ع، ص، 15،16
5) عرساڻي، شمس الدين، آزادي کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب، ص، 186
6) ساڳيو، ص، 187
7) خواجہ، نور افروز، ڊاڪٽر، ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر، شيخ شوڪت علي اينڊ سنز، ڪراچي، 2010ع، ص، 250

8) چانڊيو، جامي (مرتب) افسانوي ۽ فڪري ادب، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي 2007ع، ص، 63
9) ساڳيو، 63
10) عرساڻي، شمس الدين، آزادي کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب، ص 194
11) ساڳيو، ص، 194
12) ملڪاڻي، منگهارام، پروفيسر، سنڌي نثر جي تاريخ، ڪونج پبلي ڪيشن، بمبئي 1968ع ص، 53
13) هنگوراڻي، امر لعل، ڪهاڻي ادو عبدالرحمان، نيو فيلڊس پبلي ڪيشن، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو، 1985ع، ص، 9
14) ساڳيو، ص، 8
15) ساڳيو، ص، 25
16) عرساڻي، محمد اسماعيل، چار مقالا، سنڌي ادبي بورڊ، ص 60
17) ميمڻ، غفور، ڊاڪٽر، سنڌي ادب جو فڪري پس منظر، شاهه لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، 2002ع، ص، 320
18) ساڳيو، ص، 353
19) مظهر جميل، سيد، سوڀو گيان چنداڻي شخصيت ۽ فن، اڪادمي ادبيات پاڪستان، اسلام آباد، 2006ع، ص، 108
20) ساڳيو، ص، 112-111